SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 1992
# SINDH ACT NO.II OF 1992
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1991
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1991

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 45 جي ترميم
Amendment of Section 45 of Sindh Ordinance, XII of 1979
3. ٺيڪن جي تصديق
Validation of Contracts
4. 1991 جي سنڌ آرڊيننس X جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance X of 1991

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1992
# SINDH ACT NO.II OF 1992
## سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1991
## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1991

[15 فيبروري 1992]

ايڪٽ جنهن ذريعي مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جنوري 1991 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 45 جي ترميم
Amendment of Section 45 of Sindh Ordinance, XII of 1979

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 45 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن "منقول ملڪيت" کانپوءِ لفظ "يا ٽيڪس اوڳاڙڻ لاءِ حق ليز تي ڏيڻ لاءِ" شامل ڪيا ويندا.

ٽيڪن جي تصديق

3.ٽيڪس اوڳاڙڻ لاءِ ڪو بہ ٺيڪ ليز جو معاهدو جيڪو

| | |
|---|---|
| ڪائونسل طرفان پهرين جنوري 1991 تي يا ان کانپوءِ ڪيو ويجي پر نيلاميءَ وقت عملدارن کي نہ سڏيو ويجي، جيڪو ڪنهن مشوري يا هدايت جي برعڪس نہ هجي تہ ان کي صحيح ڪيل ۽ عمل ۾ آندل معاهدو سمجهيو ويندو. | Validation of Contracts |
| 4.سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1991 کي منسوخ ڪيو ويجي ٿو. | 1991 جي سنڌ آرڊيننس X جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance X of 1991 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**